SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 2011

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2011

# سنڌ لينڊ روينيو (ترميم) آرڊيننس، 2011

# THE SINDH LAND REVENUE (AMENDMENT) ORDINANCE, 2011

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. مغربي پاڪستان ايڪٽ XVII مجريه 1967 جي دفعه 9 ۾ ترميم

Amendment of Section 9 of West Pakistan Act XVII of 1967

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 2011

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2011

# سنڌ لينڊ روينيو (ترميم) آرڊيننس، 2011

# THE SINDH LAND REVENUE (AMENDMENT) ORDINANCE, 2011

[6 آگسٽ، 2011]

آرڊيننس، جنهن سان سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ ترميم ڪئي ويندي، ته جيئن سنڌ صوبي ۾ امن امان ۽ هم آهنگي کي هٿي ڏياري سگهجي.

تمهيد (Preamble)

جڏهن ته هيءُ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ ۽ سنڌ صوبي ۾ امن ۽ هم آهنگي کي هٿي ڏيارڻ ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ ترميم ڪرڻ مناسب آهي.

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان 1973 جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لينڊ روينيو(ترميم) آرڊيننس، 2011 سڏيو ويندو.<br>(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1976 جي ذيلي دفعه (9) جي آخر ۾ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل شرط شامل ڪيا ويندا:-<br>"بشرطيڪ هيءُ دفعه حيدرآباد ۽ ڪراچي جي ضلعن تي لاڳو نه ٿيندو. | مغربي پاڪستان ايڪٽ XVII مجريه 1967 جي دفعه 9 ۾ ترميم<br>Amendment of Section 9 of West Pakistan Act XVII of 1967 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**